ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

# سنڌي شعبي پاران ثقافت جو ڏينهن: رپورٽ

[نامور سفرناما نويس الطاف شيخ جي اُتي بيهي آجيان ڪئي وئي]

اسان وٽ پئسي ڏوڪڙ واري ڪرپٽ ماڻهوءَ جو تہ وڏو مانُ آهي پر عالم، اديب ، ڏاهي، ڪري ۽ سچي ماڻهوءَ جو قدر ناهي. اسان جا حقيقي هيرا اهي ئي ڏاها ماڻهو آهن پر نئين نسل جي اڪثريت ڪين سڃاڻي ئي نہ ٿي. ان جو هڪ سبب تہ اهو آهي تہ، اسان پنهنجن نوجوانن کي انهن هيرن بابت مڪمل ڄاڻ ڏيڻ ۾ ناڪام ويا آهيون. ميڊيا پنهنجن هيرن بابت ڪو خاص ڪردار ادا نہ پئي ڪري، غير معياري تعليم جو بہ ان ۾ وڏو هٿ آهي. اسان سڀني کي ان سلسلي ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو .

مون جڏهن 2012ع ۾ وفاقي اردو يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي چيئرميني سنڀالي تہ ان پاسي بہ ڌيان ڏنو. ايم فل/ پي ايچ. ڊي پروگرام ۾ اهڙن موضوعن کي بہ شامل ڪيو، جن ۾ حال حيات اديبن ۽ شاعرن جي ڪم تي تحقيق جي شروعات ڪرائي، انهن ۾ الطاف شيخ صاحب، ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ، ڊاڪٽر ادل سومرو صاحب ۽ امداد حسيني صاحب شامل آهن. ادل صاحب ۽ امداد صاحب تي ٿيندڙ تحقيق جي نگراني ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري، جڏهن تہ الطاف صاحب ۽ ميڊم فهميده جي ڪم تي ٿيندڙ تحقيق جي نگراني مان پاڻ پيو ڪريان. ان ڪم جي ابتدا اسان الطاف شيخ صاحب کان ڪئي.

الطاف شيخ جي ڪم تي پي ايچ.ڊي جو مقالو پروفيسر رضيہ ٻگهيو مڪمل ڪيو آهي، جڏهن تہ ٻين عالمن تي اڃا ڪم جاري آهي. اسان جي يونيورسٽين ۾ زنده شخصيتن تي پي ايچ.ڊي ڪرڻ جون روايتون تمام گهٽ آهن، جنهن جا مختلف سبب ٿي سگهن ٿا. منهنجي خيال ۾ سندن موجودگيءَ ۾ جيڪڏهن پي ايچ.ڊي ٿئي ٿي تہ، ان شخصيت کي هڪ تہ خراج بہ پيش ٿئي ٿو جنهن سان سندس خوشيءَ ۾ بہ واڌارو ٿئي ٿو. ٻيو اهي اهڙيون شخصيتون آهن، جن تي هڪ کان وڌيڪ پي ايچ.ڊيون ڪري سگهجن ٿيون. الطاف شيخ صاحب پنهنجي قلمي خدمت جي لحاظ کان دنيا ۾ واحد سنڌي آهي. هُن سنڌي سفرنامي جي صنف ۾ ساهہ وڌو. اردو سفرناما بہ لکيا اٿائين. سنڌي

۽ اردو ڪالم بہ لڳاتار لکندو رهي ٿو. مان سمجهان ٿو سنڌي نثر خاص ڪري سفرنامي جي صنف ۾ سيني کان وڌيڪ پڙهجندڙ ليکڪ آهي. هُن سنڌين کي سڄيءَ دنيا جي ثقافتن بابت ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ سنڌي ثقافت کي بہ نروار ڪيو آهي. لوڪ ڏاهپ کي بہ موضوع بڻايو اٿائين. هُن پنهنجين لکڻين وسيلي نوجوانن جي رهنمائي ۽ تربيت پڻ ڪئي آهي.

اسان جي شعبي، هن جي ڪم تي پي ايڇ. ڊي ڪرائي، متس ڪو ٿورو ناهي ڪيو. اسان رڳو يوسف جي خريدارن ۾ شامل ٿيا آهيون. هو جيترو عظيم انسان آهي، اوترو ئي سادو، همدرد ۽ ملنسار آهي. مون سائينءَ کي جڏهن سنڌي ثقافت جي تقريب جي دعوت ڏني تہ خوشيءَ سان قبوليائين ۽ چيائين تہ ڪنهن ننڍي گڏجاڻيءَ ۾ گهرايو تہ جيئن وڌيڪ ڪچهري ٿي سگهي. مون کيس عرض ڪيو تہ سائين اسان جي خواهش آهي تہ اوهان يونيورسٽيءَ جي گهڻن شاگردن سان ملو! ڇاڪاڻ تہ هُو اوهان جا پرستار آهن. سائين وقت جو ڏاڍو پابند ۽ سخت محنت ڪرڻ جو قائل آهي. پيشي جي لحاظ کان ميرين انجنيئر آهي. ان شعبي ۾ بہ دنيا جو مڃيل انجنيئر آهي. سائين جڏهن 27 نومبر 2019ع تي، تقريب ۾ آيو تہ نوجوانن جا ميڙا مچي ويا. هنن سان ڪچهريون ڪرڻ، فوٽو ڪيرائڻ ۽ کين سوڪڙيون ڏيڻ شروع ڪري ڏنائين. ڇا جي وڏائي، ڪهڙو عمر جو فرق؟ ايم اي سنڌي، سال پهرئين جو شاگرد الهواريو مون سندس خدمت لاءِ مقرر ڪيو ۽ پاڻ بہ حاضر هئس.

ٻين سوکڙين سان گڏ شاگردن ۽ استادن کي گهڻي کان گهڻا ڪتاب ڏنائين. هن ٻڌايو تہ ، مان پهريون پيرو سنڌي ثقافت جي تقريب ۾ آيو آهيان، نوجوانن جي پنهنجيءَ ثقافت سان محبت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. ان سان گڏ نوجوان تعليم بہ پرائن ۽ وڏ کان وڏ محنت ڪن، ٻيون ٻوليون خاص ڪري انگريزي بہ سکن.

وفاقي اردو يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي هن تقريب جو موضوع هڪ سنڌ، هڪ ثقافت هو جنهن ۾ الطاف شيخ صاحب سان گڏ هڪ ٻيو ليکڪ، سينيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏياريندڙ ۽ سينيٽر ڊاڪٽر ڪريم احمد خواجہ هو. نالي وارو شاعر نصير سومرو ۽ وائس آف پاڪستان جو سربراهہ ايڊووڪيٽ محمد صديق ڪلاڊيا اعزازي مهمان هئا. مون جڏهن الطاف شيخ کي ڊائيس تي تقرير ڪرڻ جي گذارش ڪئي تہ سڄي پنڊال سندس اُٿي ٻيهي آجيان ڪئي ۽ چڱيءَ دير تائين تاڙيون

وڄنديون رهيون. تقريب وفاقي اردو يونيورسٽيءَ عبدالحق ڪيمپس جي گرائونڊ تي ٽينٽ لڳائي ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ سوين شاگردن شرڪت ڪئي. سنڌي ثقافت بابت يونيورسٽيءَ جي تاريخ ۾ اها پهرين شاندار تقريب هئي. ان کان اڳ به مون ڪجهه تقريبون ڪرايون هيون پر اُهي هال ۾ ننڍي پيماني تي هيون. هڪ پاسي تقريب تاريخي هئي ته ٻئي پاسي الطاف شيخ صاحب جي پهرئين پيري اچڻ سان هڪ ٻي تاريخ جُڙي وئي. مُرڪ پبليڪيشن جي مرتضيٰ لغاريءَ پنهنجن ڪتابن جو اسٽال به لڳايو هو. سنڌي شعبي جي تقريبن ۾ اها به نواڻ هئي ۽ پهريون ڀيرو ڪتابن جو اسٽال لڳو هو.

ان تقريب کي مختلف اخبارن ۽ ٽي وي چينلن به تمام گهڻي موٽ ڏني. روزاني عوامي آواز ايڊيٽوريل به لکيو. مان سيني جو ٿورائتو آهيان خاص ڪري زرار پيرزادي صاحب، زلف پيرزادي صاحب، مصطفيٰ ملاح صاحب، فقير سليم صاحب، اسد ممتاز رڏ صاحب ۽ ٻين جو.

هن تاريخ ساز تقريب ڪرڻ ۾ مُک ڪردار شاگردن جو هو جن ۾ امتياز مستوئي، دارا فهد، حسن سومرو ۽ سرفراز مسڻ اڳيرا هُئا. وفاقي اردو يونيورسٽيءَ جو ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن بشير ٻگهيو به ٻانهن ٻيلي هو. يونيورسٽيءَ جي سينيئر ڊين ڊاڪٽر محمد ضياءالدين تقريب جي نه رڳو اجازت ڏني پر مڪمل سرپرستي پڻ ڪئي.

تقريب جو وڏيڪ حال احوال ڪجهه هن ريت آهي:

ڪراچي جي وفاقي اردو يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي پاران هڪ سنڌ هڪ ثقافت جي عنوان هيٺ پروگرام ڪوٺايو ويو جنهن ۾ شاعرن،اديبن پروفيسرن ۽ سياستدانن سوڏو شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام ۾ سنڌي شاگردن سنڌي ثقافتي ٽيبلو ۽ رسمون پيش ڪري ويٺن کان داد وصول ڪيو.


پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينيٽر ڊاڪٽر ڪريم خواجا خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌي ثقافت ۾ فراخدلي آهي جنهن هر ثقافت واري ماڻهوءَ جو آڌر ڀاءُ ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جون سرحدون تمام گهڻيون وسيع آهن. ان بنياد تي اسان معاشي ترقي به ڪري سگهون ٿا.

نالي واري ليکڪ ۽ سنڌي سفرنامن جي بادشاه الطاف شيخ چيو ته سنڌي ثقافت هزارين سال قديم آهي ۽ سنڌي ماڻهن ان کي محفوظ رکيو آهي. وفاقي اردو يونيورسٽي کي جس هجي، جنهن سنڌي ثقافت تي شاندار تقريب ڪئي آهي.

سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي چيو تہ اسان سنڌي ٻولءَ ۽ ادب سان گڏ ثقافت بہ پڙهائيندا آهيون. اڄوڪي تقريب ان جو عملي ثبوت آهي. ان سان گڏ تحقيق بہ ڪرائيندا آهيون. مان سڀني مهمانن جي آجيان ڪريان ٿو.

ڊاڪٽر اصغر دشتيءَ چيو تہ سنڌي شعبو اردو يونيورسٽي جو هڪ فعال شعبو آهي، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي ان کي وڌيڪ سرگرم ڪيو آهي.

شاگرد امتياز مستوئيءَ چيو تہ هن پروگرام ۾ نہ رڳو سنڌي شعبي جي شاگردن حصو ورتو پر سڄيءَ يونيورسٽي جي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري خلوص ۽ سنڌي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪيو.



تقريب ۾ مهمانن کي اجرڪ پڻ پارايا ويا. تقريب ۾ ڊاڪٽر خليل الرحمن شيخ، ڊاڪٽر عنايت لغاري، ڊاڪٽر سيما ابڙو، ڊاڪٽر عابده گهانگهرو، نصير گوپانگ، ڊاڪٽر اڪبر علي چانڊيي، اشرف علي ڪهاوڙ عبدالواحد سومري ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ڪمپيئرنگ محمد حنيف ٻگهئي ۽ سرفراز مسڻ ڪئي. تقريب ۾ شاگردن شاعري ٻڌائي، ٽيبلوز، گيت ۽ تقريرون پڻ پيش ڪيون. ٽيبلو مومل راڻي، سسئي پنهونءَ ۽ ٻين موضوعن تي ڪيا ويا. ان کان سواءِ شاديءَ جون رسمون بہ پيش ڪيون ويون. جن شاگرن حصو ورتو انهن ۾ دارا فهد، مير ڪيريو، اقرا شيخ، ورثا پيرزادو، خالده پيرزادو، زبير مسڻ، شفقت حسين، حسن سومرو، ذيشان پٽي، الهورايو حبيبہ، احمد علي، حفصہ، جيا، مهڪ، شهباز ۽ ٻيا شامل هيا.

تقريب ۾ ڪراچي يونيورسٽي، دائود يونيورسٽي، اقرا يونيورسٽي، ايس ايم لا ڪاليج ۽ ٻين تعليمي ادارن جي شاگردن شرڪت ڪئي.